SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2006

# SINDH ACT NO.VII OF 2006

# لياقت ۽ ڊائو ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز يونيورسٽيز (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE LIAQUAT AND DOW MEDICAL AND HEALTH SCIENCES UNIVERSITIES (AMENDMENT) ACT, 2006

## (CONTENTS) فهرست

(Preamble) تمهيد
(Sections) دفعئات
1.مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. 2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم
Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001
3.2004 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم
Amendment of Sindh Act X of 2004

# سنڌ ايڪٽ نمبر VII مجريه 2006

# SINDH ACT NO.VII OF 2006

# لياقت ۽ ڊائو ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز يونيورسٽيز (ترميم) ايڪٽ، 2006

# THE LIAQUAT AND DOW MEDICAL AND HEALTH SCIENCES UNIVERSITIES (AMENDMENT) ACT, 2006

[22 ڊسمبر 2006]

ايڪٽ جنهن ذريعي لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2001 ۽ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾ وڌيڪ ترميم ڪئي ويندي؛

| | |
|---|---|
| تمهيد (Preamble) | جيئن ته لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2001 ۽ ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾ وڌيڪ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛ |
| | ان ڪي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو: |
| مختصر عنوان ۽ شروعات<br>Short title and | 1.(1) هن ايڪٽ کي لياقت ۽ ڊائو ميڊيڪل ۽ هيلٿ سائنسز يونيورسٽيز (ترميم) ايڪٽ، 2006 سڏيو ويندو. |

| | |
|---|---|
| commencement | (2) اهو فوري طور تي لاڳو ٿيندو. |
| 2001 جي سنڌ آرڊيننس VIII جي ترميم<br>Amendment of Sindh Ordinance VIII of 2001 | 2.لياقت يونيورسٽي آف ميڊيڪل اينڊ هيلٿ سائنسز آرڊيننس، 2001 ۾:<br>(i) دفعہ 13 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"(1) صحت وارو وزير يونيورسٽي جو پرو چانسيلر هوندو"؛<br>(ii) دفعہ 14 ۾ ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"(1) ڪو شخص جنهن کي ميڊيڪل بيڪ گرائونڊ هجي اهو چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري ۽ چانسيلر جي مرضي تائين عهدو رکي سگهندو".<br>(iii) دفعہ 16 ۾، ذيلي دفعہ (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:<br>"رجسٽرار يونيورسٽي جو ڪل وقتي عملدار هوندو ۽ سنڊيڪيٽ طرفان اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪيو ويندو، جيئن اهڙ طئي ڪري"؛ ۽<br>(iv) دفعہ 19 جي ذيلي دفعہ (1) ۾، لفظ "صوبائي آڊٽ ڪاتو" لاءِ لفظ "سنڊيڪيٽ" متبادل هوندو. |
| 2004 جي سنڌ ايڪٽ X جي ترميم<br>Amendment of Sindh Act X of | 3.ڊائو يونيورسٽي آف هيلٿ سائنسز ايڪٽ، 2004 ۾:<br>(i) دفعہ 11 کي ان دفعہ جي ذيلي دفعہ (1) طور ٻيهر نمبر ڏنو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين دفعہ شامل ڪئي |

2004

ويندي:

”(2) چانسيلر جي غير حاضري يا ڪنهن ٻئي سبب جي ڪري ڪم ڪان لاچاري جي صورت ۾ پرو چانسيلر سمورا اختيار استعمال ڪندو ۽ چانسيلر جون سموريون ذميداريون ادا ڪندو.“؛

(ii) دفعه 12 ۾ ذيلي دفعه (1) لاءِ هيٺين ريت متبادل هوندو:

”(1) ڪو شخص جنهن ڪي ميڊيڪل بيڪ گرائونڊ هجي اهو چانسيلر طرفان چئن سالن جي عرصي لاءِ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت وائيس چانسيلر مقرر ڪيو ويندو، جيئن چانسيلر طئي ڪري ۽ چانسيلر جي مرضي تائين عهدو رکي سگهندو“.

(iii) دفعه 20 جي ذيلي دفعه (2) ۾ لفظن ”پرو وائيس چانسيلر“ لاءِ لفظ ”وائيس چانسيلر“ متبادل هوندا؛ ۽

(iv) دفعه 22 جي ذيلي دفعه (1) ۾:

(a) شق (xi) ۾ آخر ۾ ايندڙ لفظ ”۽“ کي سيمي ڪولن سان تبديل ڪيو ويندو؛ ۽

(b) شق (xii) ۾ آخر ۾ ايندڙ فل اسٽاپ کي سيمي ڪولن ۽ لفظ ”۽“ سان تبديل ڪيو ويندو ۽ ان کانپوءِ هيٺين نئين شق شامل ڪئي ويندي:

”(xiii) هڪ عالم ۽ هڪ نامياري عورت جيڪا ڪنهن تعليمي اداري ۾ ملازمت نه ڪندي هجي چانسيلر طرفان نامزد ڪيا ويندا“.

**نوٽ: ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.**